


Sukkur Arts council

# سکرآرٹس کائونسل

# News LETTER

# نیوزلیٹر

## 2025

sukkurartscouncil@gmail.com
/sukkurartscouncil.pk
/@sukkurartscouncil

# نيوز ليٽر (2025)

| | |
|---|---|
| اعزازي ايڊيٽر: | خالد پانڌڻ |
| فوٽوگرافي: | سعيد پيو، سهيل شيخ |
| ٽائيٽل ۽ لي آئوٽ: | سهيل احمد شيخ |
| ايڊيشن: | 01 جنوري کان 31 ڊسمبر 2025ع |
| شايع ڪندڙ: | سکر آرٽس ڪائونسل |

Email.sukkurartscouncil@gmail.com
Web: sukkurartscouncil.org/
www.facebook.com/SukkurArtsCouncil
www.youtube.com/@sukkurartscouncil

سکر آرٽس ڪائونسل وجود ۾ اچڻ بعد ٻن ٽن سالن اندر سکر ۾ ادبي، موسيقي، فني، ثقافتي ۽ علمي سرگرمين ۾ واڌارو آندو آهي ۽ ڪيتريون ئي نيون روايتون قائم ڪيون آهن. روايتي سرگرمين سان گڏ جدت وارين سرگرمين ۾ ٻه اڳري رهي آهي. مثال طور عظيم شاعر شيخ جي هر سال جنم ڏينهن جي موقعي تي مختلف پروگرام ڪرائڻ، رشيد ڀٽي ۽ مولائي شيدائي جهڙن ليکڪن ۽ سينگار علي سليم جهڙي گائڪ جي هر سال تقريب منعقد ڪرڻ، جيئرن يا لاڏاڻو ڪري ويل مرد توڙي خواتين اديبن، شاعرن، محققن، فنڪارن، موسيقارن، مصورن ۽ اداڪارن کي پروگرامن وسيلي ميجتا ڏيڻ، ادب، فن ۽ اداڪاري جي سکيا جو عمل جاري رکڻ وغيره شامل آهن. ثقافتي سجاڳ ڳيچن جي محفل، جيل جي قيدين جي هنرن جي نمائش ڪرائڻ، شاهه لطيف جي شاعريءَ جي سمورن سرن تي ليڪچر پروگرام ڪرائڻ جهڙن نون خيالن تي پروگرام ڪرايا ويا. مختلف شعبن جي اهڙين شخصيتن کي ٻه پروگرام ۾ آندو ويو جيڪي اڳ سکر جي پروگرامن ۾ نه آيا هئا يا ڪيترن کي پهريون ڀيرو موقعو فراهم ٿيو. اڄ جي جديد دور سان هم آهنگ پروگرام "آرٽ ان دي ورلڊ آف ڊجيٽيلائزشن" جهڙو قومي ليول جو ٽن ڏهاڙن جو پروگرام نومبر 2024ع ۾ ٿيو جيڪي ملڪ جو اهڙي طرز جو پهريون پروگرام هو. اسان اداري جي بجيٽ کي ٻه پبلڪ ڪندي ويب سائيٽ تي رکيو آهي. سکر آرٽس ڪائونسل جي اهڙين سرگرمين کي هن سماچار ۾ پڙهي سگهجي ٿو ۽ ان جي آفيشل يو ٽيوب چينل، فيس بوڪ ۽ ويب سائيڊ تي ٻه ڏسي ۽ پڙهي سگهجي ٿو. اسان کي توهان جي صلاحن ۽ رهنمائي جو اوسيئڙو رهندو.

**ممتاز بخاري**
صدر
سکر آرٽس ڪائونسل.

# سکر آرٽس ڪائونسل سال 2025ع جو سماچار

## سال 2025ع دوران منعقد ڪرايل پروگرامن جو تفصيل

### ميوزڪ سکيا ڪورس:

**Music Courses Successfully Completed**

01 جنوري 2025ع کان 31 مارچ 2025ع تائين سکر آرٽس ڪائونسل جي ميوزڪ شعبي پاران سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ميوزڪ اينڊ پرفارمنگ آرٽ (سمپا) ڄامشور جو ٽماهي ميوزڪ ڪورس مڪمل ڪرايو ويو. جنهن ۾ ميوزڪ جي مختلف سازن جي سکيا ڏني وئي. اهڙي طرح انهيءَ ڪورس جي هي پنجين بيج هئي. ڇهن مهينن جو سازن وارو ميوزڪ ڪورس پڻ ڪاميابي سان ٿي گذريو. انهن ميوزڪ ڪورس ۾ سکر توڙي پرپاسي سان واسطو رکندڙ 42 شاگردن ۽ شاگرياڻين ميوزڪ جي سکيا ورتي. جيڪو هر هفتي ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن شام جو 4 وڳي کان 6 وڳي تائين ميوزڪ پريڪٽيڪل هال ۾ جاري رهيو. ميوزڪ هيڊ اختر درگاهي ٿيوري ۽ پريڪٽڪل جي سکيا ڏني ۽ شعبي جي ميمبر گل محمد جوٽيجو شاگردن کي هارمونيم جي سکيا ڏني.





### سکر جي ٽن تخليقڪارن جي ياد ۾ تقريب:

**Ceremony Honoring Three Creative Figures of Sukkur**

25 جنوري 2025ع سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ سکر جي ٽن ناميارن تخليڪقارن رفيق سومرو، مولانا دين محمد وفائي ۽ شهناز نور جي ياد ۾ پروگرام ٿيو. پروگرام جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش مهر وائس چانسلر بينظير ڀٽو يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجي اينڊ اسڪل ڊيولپمينٽ خيرپور ڪئي. مهمانن ۾ رفيق سومرو جو ڀائٽيو عبدالطيف ڪاشف سومرو، مولانا دين محمد وفائيءَ جو پوٽو عبدالرئوف ڀٽي ۽ شهناز نور جو ڀائٽيو آذر قريشي شامل هئا. جڏهن تہ ادل سومري رفيق سومرو تي، عبداللطيف انصاري مولانا دين محمد وفائيءَ تي ۽ ڊاڪٽر انيس الرحمان محترمہ شهناز نور جي زندگي ۽ فن تي پنهنجا مقالا پيش ڪيا. پروگرام جي آخر ۾ ادبي شعبي جي ڪنوينر اياز گل آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو.







### اداڪار محمود صديقيءَ جي ياد ۾ تقريب:


**Commemorative Ceremony for Actor Mahmood Siddiqui**

08 فيبروري 2025ع ڇنڇر ڏينهن سکر آرٽس ڪائونسل جي ڊراما شعبي پاران سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ سکر سان تعلق رکندڙ ملڪ جي نامياري اداڪار محمود صديقيءَ جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. پروگرام جو خاص مهمان سنڌي اردو، ڊرامن جو سينئر اداڪار منظور مراد هيو. تقريب کي ڪنوينر وفا دلدار، ممتاز لکي ۽ ممتاز بخاري صدر سکر آرٽس ڪائونسل خطاب ڪيو. تقريب جي ڪاروائي حسن عباس هلائي جڏهن تہ تقريب ۾ سکر آرٽس ڪائونسل جي ميمبرن، ڊراما شعبي جي اداڪارن ۽ فن ادب ۽ موسيقيءَ سان چاهہ رکندڙن ڀرپور شرڪت ڪئي. سنڌ

جي ناميارِي اداڪار محمود صديقيءَ کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي. هن تقريب ۾ سکر سميت مختلف شهرن ۽ ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.





## رحيمداد خان مولائي شيدائي جي ورسي تقريب:

47th Death Anniversary of Rahimdad Khan Molai Shedai

تاريخ 12 فيبروري 2025ع تي سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران سنڌ جي ناميارِي تاريخدان ۽ محقق رحيمداد خان مولائي شيدائي جي 47 هين ورسي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت سيد نور رضوي ڪئي. خاص مهمانن ۾ مولائي شيدائي جو ڏوهٽو امير علي بروهي، سيد امداد حسين شاهه، امتيازعلي ميمڻ ڊائريڪٽر رحيمداد خان مولائي شيدائي پبلڪ لائبريري سکر شامل هئا ۽ ممتاز بخاري صدر سکر آرٽس ڪائونسل آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪيو. تقريب جي ميزباني عبدالحڪيم زنگيجو ڪئي. جڏهن ته تقريب ۾ شاعرن اديبن ۽ شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري مولائي شيدائي جي ادبي خدمتون ڀيٽا ڏني.












## ناميارِي اديب رشيد ڀٽي جي ورسي تقريب:



37th Death Anniversary of Rasheed Bhatti

17 فيبروري 2025ع تي سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران سنڌ جي ناميارِي تاريخدان، اديب، شاعر رشيد ڀٽي جي 37 هين ورسي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت مختيار ملڪ ڪئي جڏهن ته مهمانن ۾ رشيد ڀٽيءَ جو پٽ سجل ڀٽي، روبينہ ڀٽي، ادل سومرو ۽ شمشاد ڀيڙ شامل هئا. پروگرام جي ميزباني ڊاڪٽر خادم منگي ڪئي. ادل سومرو رشيد ڀٽي بابت مقالو پڙهيو. تقريب جي شروعات ۾ ممتاز بخاريءَ جي رشيد ڀٽيءَ ٺيل تعارفي وڊيو ڊاڪومينٽري پيش ڪئي وئي. پروگرام جي پڄاڻيءَ تي رشيد ڀٽي جي لکيل ڪهاڻي "ٻُڙ" تي حسن عباس پرفارم ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ۽ ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي تي هڪ منٽ جي خاموشي پڻ اختيار ڪئي وئي. آخر ۾ ڪنوينر اياز گل آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو.






## آڪاش انصاري تعزيتي ريفرنس:

Condolence Reference for Dr. Aakash Ansari

22 فيبروري 2025ع تي سکر آرٽس ڪائونسل طرفان سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين سکر جي تعاون سان سنڌ جي رومانوي ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي المناڪ وڇوڙي تي تعزيتي ريفرنس سينگار علي سيلم آڊيٽوريم ۾ ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ اياز گل، اختر درگاهي، وڪيل سندرخان چاچڙ، سچل پٽي، ڊاڪٽر خادم منگي ۽ عبدالحڪيم زنگيجو پنهنجا ويچار ونڊيا. پروگرام جي ڪاروائي نجم الدين ڏوگر هلائي. پروگرام جي آخر ۾ آڪاش انصاري کي گلن ۽ ميڻ بتين جي پيٽا ڏيڻ سان گڏ راڳ جي محفل پڻ ٿي، جنهن ۾ اختر درگاهي ۽ گل محمد جوٽيجو ڪلام پيش ڪيا.









## ناميارى شاعر اديب شيخ اياز جي سالگرهه تقريب:

102nd Birth Anniversary of Legendary Poet Sheikh Ayaz

02 مارچ 2025ع تي هر سال جيان هن سال به سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران سنڌي ٻولي جي عظيم شاعر شيخ اياز جي 102 ئين جنم ڏينهن جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي. مذاڪري سيشن ۾ ناميارا شاعر امر اقبال، عبدالوحيد انصاري، صفر ڪلهوڙو ۽ سجاد مهر شامل هئا. جن شيخ اياز جي شاعري، نثر، زندگي ۽ فن تي تفصيلي گفتگو ڪئي. مذاڪري جو ماڊريٽر اظهر نوناري هيو. تقريب ۾ شيخ اياز جون ڳالهيون، شيخ اياز جي سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران ريڪارڊ ڪيل شاعري سنڌس آواز ۾ پيش ڪئي وئي. ان کان علاوه شيخ اياز جي لکيل ڪهاڻي ”ڪلٽي“ حسن عباس ڊرامي واري انداز ۾ پيش ڪئي. هن تقريب جي ڪاروائي اختر درگاهي هلائي. تقريب ۾ ناميارن اديبن شاعرن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. آخر ۾ ادبي شعبي جي ڪنوينر اياز گل ۽ سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو.





## شاهه لطيف ادبي ڪلاس سيريز:

Shah Latif Literary Lecture Series (January – June 2025)

03 جنوري 2025ع تي شاهه لطيف ادبي ڪلاس جو 12 هون ليڪچر ٿيو جنهن ۾ اثر امام سر **”گهاتو“** تي ليڪچر پيش ڪيو. 10 جنوري 2025 تي 13 هون ليڪچر ڊاڪٽر اسماعيل ماڪو سر **”سري راڳ“** تي ڏنو. 17 جنوري 2025ع تي 14 هون ليڪچر پروفيسر سرور سيف سر **”رپ“** تي پيش ڪيو. 24 جنوري 2025ع تي 15 هون ليڪچر مهتاب سولنگي سر **”ڪارايل“** تي ڏنو. 31 جنوري 2025ع تي 16 هون ليڪچر ڊاڪٽر مهر خادم سر **”ڏهر“** تي پيش ڪيو. جڏهن ته فيبروري مهيني جو پهريون ۽ شاهه لطيف ادبي ڪلاس جو 17 هون ليڪچر تاريخ 7 فيبروري 2025ع تي اختر درگاهي سر **”ڪاموڏ“** تي ڏنو. 14 فيبروري 2025ع تي 18 هون


ليڪچر نظير سومرو سر "**سهڻيءَ**" تي ڏنو. 21 فيبروري 2025ع تي 19 هون ليڪچر محترمہ ڪوثر زمان ڪلوڙ سر "**ڪاموڙي**" تي ڏنو. 28 فيبروري 2025ع تي 20 هون ليڪچر حسين سارنگ سر "**ديسي**" تي ڏنو.
07 مارچ 2025ع تي 21 هون ليڪچر عيسيٰ ميمڻ سر "**پرڀاتي**" تي ڏنو. 11 اپريل 2025ع تي 22 هون ليڪچر مور خان مهر سر "**حسيني**" تي ڏنو. 18 اپريل 2025ع تي 23 هون ليڪچر ادل سومرو سر "**سارنگ**" تي ڏنو. 25 اپريل 2025ع تي 24 هون ليڪچر عبدالغفور سومري سر "**سورٺ**" تي پيش ڪيو. 02 مئي 2025ع تي شاهه لطيف ادبي ڪلاس جو 25 هون ليڪچر طارق عزيز ڪولاچي سر "**ڪيڏارو**" تي ڏنو. 09 مئي 2025ع تي 26 هون ليڪچر امجد چنا سر "**بروو سنڌيءَ**" تي ڏنو. ليڪچر ڪانپوءِ ڀيريون دفعو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهه سان تعلق رکندڙ راڳين ڊاڪٽر بشارت علي لنجواڻي ۽ سندس ساٿين شرڪت ڪري شاهه لطيف جون وايون ۽ بيت تنبوري تي پيش ڪيا. 16 مئي2025ع تي 27 هون ليڪچر پروفيسر غلام قادر جنداڻ سر "**پورب**" تي پيش ڪيو. 23 مئي 2025ع تي پروفيسر عبدالوحيد ڪلوڙ سر "**بلاول**" تي 28 هون ليڪچر ڏنو. 30 مئي2025ع تي 29 هون ليڪچر ناصر چاچڙ سر "**معذوريءَ**" تي پيش ڪيو. 13 جون 2025ع تي 30 هون ليڪچر غلام علي سومرو سر "**آسا**" تي ڏنو. ۽ شاهه لطيف ادبي ڪلاس جو آخري 31 هون ليڪچر تاريخ 20 جون2025ع تي ممتاز منگي سر "**سسئي آبري**" تي پيش ڪيو. سکر آرٽس ڪائونسل طرفان سنڌ ۾ ڀيريون دفعو شاهه لطيف ادبي ڪلاس سيريز جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي عظيم صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سيني سرن مان سنڌ جي ناميارن دانشورن پنهنجا ليڪچر پيش ڪيا. جن ڪي ڀٽائي سان چاهه رکندڙ اديبن، دانشورن، شاعرن، شاگردن ۽ عام ماڻهن گهڻو ساراهيو ۽ هر هفتي ٿيندڙ ليڪچر پروگرامن ۾ پابندي سان شرڪت ڪري شاهه ڀٽائيءَ جي پيغام کي ورجايو. هن پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مُک ڪردار ادا ڪندڙ ميمبر ڊاڪٽر بدرالدين اڄڻ، عبدالحڪيم زنگيجو ۽ ڊاڪٽر خادم منگي هئا. جن باقائدگي سان سني نموني شاهه لطيف جي 30 هن سرن تي تحقيقي ليڪچر پروگرام سهيڙيا. جڏهن تہ اختر درگاهي، گل محمد جوڻيجو، وفا دلدار ۽ وحيد انصاريءَ لاڳاپيل سرن مان شاهه لطيف جون وايون ترنم سان پڙهي ليڪچر جي شروعات ڪئي. سکر آرٽس ڪائونسل پاران ليڪچر پروگرام ۽ شاهه لطيف جي واين کي فيس بڪ پيج ۽ يوٽيوب چينل تي ٽيلي ڪاسٽ ڪيو ويو، جنهن جي وڊيو ريڪارڊنگ سهيل احمد شيخ ڪئي. ليڪچر پروگرامن جون تصويرون سعيد پيو، حسن عباس ۽ منظور بيدار ڪڍيون.
ياد رهي تہ 11 آڪٽوبر 2024ع کان شاهه لطيف ادبي ڪلاس سيريز جي شروعات ڪئي وئي هئي. گذريل سال هن سيريز ۾11 ليڪچر پروگرام منعقد ڪرايا ويا جڏهن تہ باقي ليڪچر پروگرامن جا تفصيل 2024ع جي نيوز ليٽر ۾ ڏنل آهن.


## شاهه لطيف ادبي ڪلاس ۾ ليڪچر ڏيندڙن جا فوٽو


اثر امام


اسماعيل ماڪو


سرور سيف


مهتاب سولنگي


ڊاڪٽر مهر خادم


اختر درگاهي



نظير سومرو


محترمہ ڪوثرزمان


حسين سارنگ


عيسيٰ ميمڻ


مور خان مهر


ادل سومرو



عبدالغفورسومرو


طارق عزيزڪولاچي


امجد چنا



غلام قادر جنداڻ



عبدالوحيد ڪلوڙ



ناصر چاچڙ




غلام علي سومرو



ممتاز منگي

## شاهه لطيف ادبي ليڪچر ۾ وائي پڙهندڙ



اختر درگاهي



گل جوڻيجو



وفا دلدار



وحيد انصاري

## اداڪاري سکيا ورڪشاپ:

### One-Day Acting Workshop

20 مارچ 2025ع تي سکر آرٽس ڪائونسل جي ڊراما شعبي پاران ڊاڪٽر مستور بخاري آرٽ اينڊ هريٽيج ميوزيم ۾ هڪ ڏينهن جو اداڪاري سکيا ورڪشاپ ڪرايو ويو. سکيا ورڪشاپ جو اداڪار ۽ ڪوچ سيف الله خان هيو. جڏهن ته ڪنوينر وفا دلدار، سليم راجا، مولاداد جتوئي، حسن عباس ريما ناز، نائلا بابو، حفيظ جمال، محمد علي چارلي، شاهه رخ ۽ ٻين اداڪارن اداڪارائن ڀرپور شرڪت ڪئي.







## امر جليل ڊراما فيسٽول:

### Amar Jaleel Drama Festival 2025

سکر آرٽس ڪائونسل جي ڊراما شعبي پاران سنڌ جي نامياري ڪهاڻيڪار امرجليل جي نالي سان ٽن ڏينهن وارو ”امر جليل ڊراما فيسٽول 2025“ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ سندس ڪهاڻين کي ڊرامائي انداز ۾ آندو ويو هن فيسٽول ۾ 07 اپريل تي مظهر شيخ جي ڊائريڪشن ۾ پهريون اسٽيج ڊرامو ”مٽيءَ جا ماڻهو“، 08 اپريل تي مولاداد جتوئيءَ جي ڊائريڪشن ۾ ٻيون ڊرامو ”هوندا سي حيات“ ۽ 09 اپريل تي سليم راجا جي ڊائريڪشن ۾ ٽيون اسٽيج ڊرامو ”انسان“ پيش ڪيو ويو. جن کي شهرين گهڻو ساراهيو فيسٽول جي آخر ۾ ڊراما شعبي جي ڪنوينر وفا دلدار اداڪارن، آيل مهمانن ۽ ڊرامن ۾ شريڪ ٿيندڙ شهرين جا ٿورا مڃيا.
















## بيدل ادبي ڪانفرنس:

### Bedil Literary Conference2025

12 مئي 2025ع تي سنڌ ثقافت کاتي پاران سکر آرٽس ڪائونسل جي سهڪار سان سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾

سنڌ جي عظيم صوفي شاعر حضرت قادر بخش ”بيدل“ جي شخصيت ۽ شاعري تي ”بيدل ادبي ڪانفرنس“ منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ مهمان خاص منور علي مهيسر ڊي جي ثقافت کاتو سنڌ، اياز گل، ادل سومرو، مختيار ملڪ، ايم بي راجا ڏاريجو ڊپٽي ڪمشنر سکر، امتياز علي ميمڻ ڊائريڪٽر لائبريريز سکر، سيد نور رضوي ۽ ممتاز بخاري هئا. جڏهن ته ابراهيم ڪرل، امر اقبال، عبدالغني مهر ايڊيشنل سيڪريٽري ڪلچر کاتو، ڊاڪٽر مهر خادم، سرور سيف، ڊاڪٽر سلم قريشيءَ بيدل تي پنهنجا مقالا پڙهيا. منور علي مهيسر  چيو ته بزرگن جو ورسيون نه پر وصال ٿيندو آهي اهي هميشه زنده هوندا آهن اسان جي ڪوشش آهي ته هر سال بيدل ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي وڃي. تقريب جي آخر ۾ محفل موسيقي ٿي جنهن جي شروعات سلامت سهراب فقير ۽ رجب سهراب فقير جي صوفي سنگ ڪئي ان ڪان علاوه گل محمد جوڻيجو، شازيه مارئي، بشير احمد، رحمت علي پٽ، صداقت علي ۽ برڪت علي پٽ پڻ بيدل جا ڪلام پيش ڪيا. هن ڪانفرنس جي ڪاروائي اختر درگاهي هلائي. تقريب ۾ اديبن، دانشورن، محققن، شاعرن ۽ بيدل سان عشق ڪندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.







## ڪنڊڙيءَ جي ٽن ڪلتارن جي ياد ۾ تقريب:

## Ceremony in Memory of Three Kandri Ja Kaltar

01 جون تي سکر آرٽس ڪائونسل ادب شعبي پاران ٽن ناميارن ڪنڊڙيءَ جي ڪلتارن روحل فقير، دريا خان فقير ۽ مراد فقير جي ياد ۾ تقريبَ منعقد ڪئي وئي. هن تقريب جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين ڪنڀ وائيس چانسلر اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊيزائن ۽ هيريٽيج سکر ڪئي. باقي مهمانن ۾ ڪنڊڙي جي ڪلتارن جي خاندانَ مان فقير وحيد علي زنگيجو، عبدالحڪيم زنگيجو ۽ صوفي نظر علي زنگيجو هئا. فضل احمد انڙ، حبيب ساجد ۽ راشد شر پنهنجا مقالا پڙهيا. انهيءَ موقعي تي ادبي شعبي جي ڪنوينر اياز گل مهمانن جي آجيان ڪئي. پروگرام جي آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي جنهن ۾ صوفي راڳي ڀاڳچند جونئير روحل فقير، مراد فقير ۽ دريا خان فقير جا ڪلام پيش ڪيا.









## فائن آرٽس سمر ڪيمپ ڪلاسز:

## Fine Arts Summer Camp Classes

سکر آرٽس ڪائونسل جي فائن آرٽس شعبي پاران گرميءَ جي موسم ۾ اسڪول جي موڪلن کي ڪارآمد بڻائڻ ۽ ٻارن کي صحتمند سرگرمين ۾ مصروف رکڻ لاءِ هڪ مهيني جي فائن آرٽس سمر ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو. جيڪو پهرين جون کان 31 جولائي 2025ع تائين جاري رهيو. فائن آرٽس سمر ڪيمپ جا ڪلاسز جمعو، ڇنڇر ۽ آچر صبح جو11 وڳي کان منجهند جو 01 وڳي تائين رکيا ويا. سمر ڪيمپ ۾ لڳ ڀڳ 25 شاگردن شاگردياڻين داخلا ورتي. سمر ڪيمپ۾ ڪنوينر غلام اڪبر سولنگيءَ آرٽ جي بيسڪس، ڊرائنگ، اسڪيچنگ، آئل پينٽ ڪلر، ايڪريلڪ ۽ واٽر ڪلر آرٽ جي بنيادي سکيا ڏني. جڏهن ته آرٽ ٽيچر اشرف راهيءَ شاگردن شاگرياڻين کي تربيتي مشقون پڻ ڪرايون.








## ميوزڪ ڪورس سرٽيفڪيٽ تقريب:

## Music Course Certificate Ceremony

4 جون تي سکر آرٽس ڪائونسل جي ميوزڪ شعبي پاران ٽن مهينن واري ميوزڪ ڪورس جي چوٿين ۽ پنجين بيچ مڪمل ٿيڻ واري تقريب سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مهمان خاص فياض حسين عباسي ڪمشنر سکر ڊويزن هيو. جڏهن ته اسٽيج تي ڪنوينر سيد نور رضوي، امتياز علي ميمڻ ڊائريڪٽر لائبريريز ثقافت کاتو سکر، ميوزڪ ٽيچر گل محمد جوڻيجو، ميوزڪ ۽ گٽار ٽيچر سيمسن رشيد ۽ ممتاز بخاري صدر سکر آرٽس ڪائونسل شامل هئا. ميوزڪ ڪورس ۾ ڪامياب ماڻيندڙ شاگردن کي ڪمشنر سکر جي هٿان سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. تقريب جي ڪاروائي سکر آرٽس ڪائونسل جي ميوزڪ هيڊ اختر درگاهي هلائي. پروگرام جي آخر ۾ سکر آرٽس ڪائونسل مان سکيا حاصل ڪيل شاگردن پنهنجي فن جي مهمانن آڏو اسٽيج تان پهرين پرفارمنس پيش ڪئي. جنهن کي هال ۾ موجود موسيقيءَ سان چاهه رکندڙن تمام گهڻو پسند ڪيو. ان موقعي تي فياض حسين عباسي ڪمشنر سکر ڊويزن اعلان ڪيو ته جن نوجوان شاگردن اڄ هتي بهترين پرفارمنس ڏيکاري آهي انهن کي پروگرامن ۾ گهرايو ويندو.








## سکر جي ٽن راڳين جي ياد ۾ تقريب:

### Ceremony in Memory of Three Singers

20 جون 2025ع تي سکر آرٽس ڪائونسل جي موسيقي شعبي پاران سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ شام جو 5 وڳي سنڌ جي ٽن امر ڪلاڪارن استاد گلشن علي زنگيجو، استاد رسول بخش ابڙو ۽ استاد غلام علي سنديلو جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. ميوزڪ شعبي جي ڪنوينر سيد نور رضوي آجياڻي تقرير سان پروگرام جي شروعات ڪئي. جڏهن ته اختر درگاهي، سيد امجد حسين شاهه (جي ايم پي ٽي وي ڪراچي) ۽ مختيار ملڪ صدر خيرپور آرٽس ڪائونسل فنڪارن تي مقالا ۽ گفتگو ڪئي. فنڪارن جي خاندان مان گلشن علي زنگيجو جو پٽ خان محمد زنگيجو، غلام علي سنديلو جو پٽ فتح علي سنديلو ۽ رسول بخش ابڙو جو پوٽو جاويد ابڙو شرڪت ڪئي. گفتگو ڪندڙن چيو ته رسول بخش ابڙي پنهنجي سڄي زندگي راڳ جي فن کي ارپي ڇڏي هئي. ساڳي ريت استاد گلشن زنگيجو راڳي هجڻ سان گڏ تمام بهترين شاعر پڻ هو، هن پٺائي، سچل ۽ روحل فقير جي شاعريءَ کي گهڻو ڳايو. جڏهن ته غلام علي سنديلو جي پٽ جو چوڻ هو ته بابا سائين ننڍ پڻ ڪان وٺي آلاپن ۾ وڏيو ويجهيو، ڪيس راڳ جو ماحول گهر ڪان ئي مليل هو. سکر آرٽس ڪائونسل جي نائب صدر ادل سومرو مهمان جا ٿورا مڃيا. پروگرام جي ڪاروائي سميع سجاد ميراڻي هلائي. آخر ۾ راڳ جي محفل ٿي جنهن ۾ فتح علي سنديلو، جاويد ابڙو ۽ صوفي سنگ امتياز علي پنهنجي راڳ ذريعي فنڪارن جي فن کي ڀيٽا ڏني. پروگرام ۾ آيل مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ حاضرين پاران تمام گهڻو ساراهيو ويو ۽ فنڪارن کي ڀرپور انداز ۾ داد ڏنو ويو.



## سکر جي ٽن راڳين جي ياد ۾ تقريب جا فوٽو



## اداڪاري آڊيشن تقريب:

### Acting Audion Ceremony

سکر آرٽس ڪائونسل جي ڊراما شعبي پاران 21 جولاءِ کان 25 جولاءِ تائين ميوزڪ ٿيوري هال ۾ اسٽيج ڊرامن جي لاءِ نون اداڪارن جا آڊيشن ڪرايا ويا. هن پنجن ڏينهن واري آڊيشن پروگرام ۾ اداڪاريءَ جو شوق رکندڙ نون آرٽسٽن کي ڀرپور موقعو ڏنو ويو، جنهن ۾ سکر سميت ڀرپاسي جي نوجوانن حصو ورتو. اداڪاريءَ جا آڊيشن وٺندڙ جج اداڪار ۽ ڊرامي شعبي جو ڪنوينر وفا دلدار، سليم راجا ۽ ذوهيب مهرهئا، جن پنهنجي ماهراڻي صلاحتين وسيلي چئن نون اداڪارن حسنين، ڪامران احمد، غلام علي سومرو، منير ۽ چائلڊ ايڪٽر علي حيدر جاگيراڻي جي چونڊ ڪئي.

## اداڪاري آڊيشن جا فوٽو



## سکر جي ٽن تخليقڪارن جي ياد ۾ تقريب:

### Ceremony Honoring Three Creative Figures of Sukkur

سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران 07 آگسٽ 2025ع تي سکر جي ٽن ناميارن تخليقڪارن ابراهيم سارنگ، شمشاد مرزا ۽ شوڪت خواجائي جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو خاص مهمان پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ وائيس چانسلر سکر آءِ بي اي يونيورسٽي هيو. ادبي شعبي جي ڪنوينر ايازگل آيل مهمانن جي آجيان ڪئي. شمشاد مرزا بابت سندس ڌيءُ مسرت مرزا، ابراهيم سارنگ بابت سندس پٽ مونس ابراهيم ۽ شوڪت خواجائي بابت سندس پٽ سهيل احمد خواجائي خيالن جو اظهار ڪيو. تقريب ۾ انهن شخصيتن تي امجد چنا، حيدار جاگيراڻي ۽ اسد چاچڙ پنهنجا مقالا پيش ڪيا. پروگرام ڪاروائي خواجه ذوالفقار هلائي. سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر مهمانن جا ٿورا مڃيا. هن تقريب ۾ سکر جي اديبن، شاعرن، ساڃاهه وندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

## سکر جي ٽن تخليقڪارن جي ياد ۾ تقريب جا فوٽو



## جشن آزادي پينٽنگ نمائش

### Independence Day Painting Exhibition

سکر آرٽس ڪائونسل جي فائن آرٽ شعبي پاران 14 آگسٽ جي موقعي تي ٽن ڏينهن واري ”جشن آزادي پينٽنگ نمائش“ منعقد ڪئي وئي. تقريب جو افتتاح ٿيليسيميا جي ٻارڙين سُهانه جميل ۽ بشرا جميل ڪيو. نمائش تقريب ۾ عبدالجبار شيخ، شبير ميمڻ، اختر درگاهي، وحيد انصاري، حڪيم زنگيجو، اظهر نوناري، گل جوڻيجو، محمد علي چارلي، شوڪت راهي، آرٽ ٽيچر اشرف راهي ۽ ڪنوينر فائن آرٽ شعبو پروفيسر غلام اڪبر سولنگي شامل هئا. جڏهن ته صدر سکر آرٽس ڪائونسل ممتاز بخاريءَ ٻارڙين کي گفٽ ڏنا. تقريب ۾ فائن آرٽ جي شاگردن شاگرياڻين

پنهنجي پينٽنگ ذريعي ملڪ سان محبت جو اظهار ڪيو. ٽن ڏينهن واري نمائش ۾ 100 کان مٿي پينٽنگ نمائش لاءِ رکيو ويون هيو جن کي شهرين پاران ساراهيو ويو.

## جشن آزادي پينٽنگ نمائش جا فوٽو



## استاد سينگار علي سليم ورسي پروگرام:

### 21st Death Anniversary of Ustad Seengar Ali Saleem Observed

18 آگسٽ 2025ع تي سکر آرٽس ڪائونسل پاران هر سال جيان سنڌ جي نامياري ڪلاسيڪل راڳي، شاعر ۽ مصور استاد سينگار علي سليم جي 21 هين ورسي تقريب ملهائي وئي. تقريب جو ماڊريٽر اختر درگاهي هيو، مهمانن ۾ ڪوثر ٻرڙو، امجد حسين شاهه، استاد عبدالغفور سومر ۽ سينگار علي سليم جو پوٽو اسد سليم شامل هئا. جن استاد سينگار علي سليم جي فن ۽ شخصيت بابت پنهنجا ويچار ونڊيا. تقريب جي شروعات ۾ ممتاز بخاري جي نهيل ڊاڪو مينٽري پيش ڪئي وئي جنهن ۾ استاد سينگار علي سليم جو تعارف، فني صلاحيت ۽ مصوري جي ڪم کي اجاگر ڪيو ويو. صدر سکر آرٽس ڪائونسل ممتاز بخاري آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا. تقريب جي آخر ۾ راڳ رهاڻ جي محفل ٿي جنهن ۾ گل محمد جوڻيجي، بختاور علي، استاد عبدالغفور سومري ۽ برڪت علي پنهنجي ڪلامن سان استاد سينگار علي سليم جي فن کي ڀيٽا ڏني. تقريب ۾ سکر روهڙي ۽ پرپاسي کان آيل فنڪارن توڙي مداحن شرڪت ڪئي.




## سکر ڊراما فيسٽول 2025

### Sukkur Theater Festival 2025

سکر آرٽس ڪائونسل پاران، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي سهڪار سان 21 آگسٽ کان 30 آگسٽ تائين ڏهن ڏينهن جو **”سکر ڊراما فيسٽول2025“** منعقد ڪيو ويو.

هن فيسٽول جو افتتاح ڪراچي آرٽس ڪائونسل جي گورننگ بورڊ ميمبر ڊاڪٽر ايوب شيخ ڪيو. ڏهن ڏينهن واري هن ڊراما فيسٽول ۾ 10 اردو سنڌي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا ويا. افتتاحي تقريب دوران ڊاڪٽر ايوب شيخ، ڊراما ڪنوينر وفا دلدار ۽ صدر ممتاز بخاري خيالن جو اظهار ڪيو. ڪاروائي حسن عباس هلائي. فيسٽول ۾ 21 آگسٽ تي پهريون ڊرامو سليم راجا جي لکيل ڪهاڻي ۽ ڊائريڪشن ۾ "بدصورت" پيش ڪيو ويو، 22 آگسٽ تي اسلم ابڙو جو لکيل ٻيون ڊرامو "اڪين جي آس" محمد علي چارلي جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. 23 آگسٽ تي ٽيون اسٽيج ناٽڪ "سچ وڏو ڏوهاري آهي" علي روشن شيخ جي لکيل ڪهاڻي ۽ ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. 24 آگسٽ تي لونگ شيخ جو لکيل چوٿون اسٽيج ڊرامو "رامڪلي" وفا دلدار جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. 25 آگسٽ تي پنجون اردو ڊرامو "فون ڪال" حسن عباس جي تحرير ۽ ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. 26 آگسٽ تي محمد علي مخلص جو لکيل ڇهون اسٽيج ڊرامو "پليٽ فارم" ذوهيب مهر جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. 27 آگسٽ تي سهيل شيخ جو تحرير ڪليل ستون اردو اسٽيج ڊرامو "غلط فهمي" عزير ميمڻ جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو. 28 آگسٽ تي سانول ڳاهو جو لکيل اٺون ڊرامو "شعور جي ڳولا" مظهر شيخ جي ڊائريڪشن ۾ ٿيو. 29 آگسٽ تي ايوب گل جو لکيل نائون ڊرامو مولاداد جتوئي جي ڊائريڪشن ۾"هڪ رات جي محبت"پيش ڪيو ويو ۽ 30 آگسٽ تي حسن عباس جو تحرير ڪيل ڏهون اسٽيج ڊرامو "مصور" ممتاز لڪيءَ جي ڊائريڪشن ۾ پيش ڪيو ويو.









## استاد نٿو خان سان ڪچهري

Conversation With Ustas Natho Khan

02 سيپٽمبر تي سکر آرٽس ڪائونسل جي ميوزڪ شعبي پاران استاد سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ سکر سان واسطو رکندڙ ڪلاسيڪل راڳي استاد حميد علي سيوهاڻي عرف استاد نٿو خان سان ڪچهري ۽ محفل موسيقي جي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو ماڊريٽر اختر درگاهي هيو. مختيار ملڪ ۽ سيد نور رضويءَ استاد حميد علي سيوهاڻي جي فن بابت پنهنجا ويچار ونڊيا. آخر ۾ محفل موسيقي ٿي جنهن ۾ مڪيش، زاهد جانوري ۽ حميد علي سيهواڻي عرف استاد نٿو خان سر وکيريا.












## فتاح ملڪ جي ياد ۾ ادبي ريفرنس

## Literary Reference in Memory of Fatah Malik

10سيپٽمبر 2025ع تي سکر آرٽس ڪائونسل جي ادبي شعبي پاران سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر ۽ قانوندان فتاح ملڪ جي ياد ۾ ادبي ريفرنس ڪوٺايو ويو. تقريب جا خاص مهمان ادل سومرو، بدر اجڻ، سرور سيف، ايڊووڪيٽ شبير شر، ايڊووڪيٽ سندر چاچڙ، سچل پٽي ۽ فتاح ملڪ جو پاءُ نور الله ملڪ شامل هئا. جن فتاح ملڪ جي زندگي ۽ فني خدمتن بابت ڳالهايو. تقريب ۾ ادبي شعبي جي ڪنوينر اياز گل سڀني مهمان کي آجياڻو ڏنو. جڏهن ته تقريب جي ڪاروائي اختر درگاهي هلائي. آخر ۾ سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري سڀني مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن جو ٿورو مڃيو.



## چيئرمين ضلع ڪائونسل جو سکر آرٽس ڪائونسل جو دورو

## Chairman District Council Sukkur Arts Council Visit

29 سيپٽمبر تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه پنهنجي وفد سميت سکر آرٽس ڪائونسل جو دورو ڪيو. سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري، نائب صدر ادل سومرو، جنرل سيڪريٽري اختر درگاهي، خزانچي اظهر نوناري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري شوڪت راهي آجيان ڪيئي. ضلعي ڪائونسل چيئرمين کي صدر ممتاز بخاري سکر آرٽس ڪائونسل جي پروگرامن بابت بريفنگ ڏني. ان بعد سيد ڪميل حيدر شاهه مسرت مرزا آرٽ گيلري جو وزٽ ڪيو جتي ڪنوينر فائن آرٽ غلام اڪبر سولنگي ۽ آرٽ ٽيچر اشرف راهي آرٽ سکيا وٺندڙ شاگردن شاگردياڻين سان تعارف ڪرايو. ضلعي ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه سکر آرٽس ڪائونسل جي خدمتن کي ساراهيو ۽ پنهنجي نيڪ خواهشين جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي اهو طئي ڪيو ويو ته ضلعي ڪائونسل سکر ۽ سکر آرٽس ڪائونسل ادب تاريخي ورثي ۽ آرٽ جي واڌ ويجهه ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪندا.



## سکر جي ٽن سينئر اداڪارن جي ياد ۾ تقريب:

## Ceremony Honoring Three Artists of Sukkur

12 آڪٽوبر تي سکر آرٽس ڪائونسل ڊراما شعبي پاران سکر جي ٽن سينئر اداڪارن منير واگهو، رابعا چوهاڻ ۽ سليم راجا جي فن ۾ خدمتن عيوض مڃتا تقريب منعقد ڪئي وئي. پروگرام جو ميزبان محمد علي مخلص هو. سمائل واگهو، اختر ڪوڪر، حفيظ جمال، اختر درگاهي، اعجاز سمائر ۽ وفا دلدار انهن فنڪارن جي زندگي ۽ فن تي روشني وڌي. پروگرام ۾ اداڪارن، فنڪارن ۽ مداحن وڌي انگ ۾ شرڪت ڪئي.



## شاهد بزمي ۽ استاد اختر حسين سان ڪچهري:

## An Evening with Musician Shahid Bazmi and Sarangi Player Ustad Akhtar Hussain

27 نومبر تي سنڌ جي نامياري موسيقار شاهد بزمي ۽ سارنگي نواز استاد اختر حسين سان ڪچهري منعقد ڪئي ويئي. ساڻن اها ڪچهري نامياري شاعر سيد نور رضوي ۽ نامياري، شاعر محقق ۽ راڳي اختر درگاهي پاران ڪئي ويئي. ان يادگار پروگرام ۾ موسيقيءَ سان چاهه رکندڙن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. موسيقيءَ جي محفل ۾ بختاور علي، گل محمد جوڻيجي، فتح علي سنڌيلو، جاويد ابڙي، علي نواز شاهه ۽ حسنين فن جو مظاهرو ڪيو. جڏهن ته اختر حسين سارنگيءَ تي سولو پرفارمنس ڪئي.



## سکر جي ٽن تخيقڪارن جي ياد ۾ تقريب:

## Program in Memory of Three Creative Personalities

30 نومبر تي سکر آرٽس ڪائونسل پاران سکر جي ٽن ناميارن تخليقڪارن، نُڪهت بريلوي، غلام مرتظيٰ خان جاگيراڻي ۽ بشير منگيءَ جي ياد ۾ تقريب ٿي. ان تقريب جو خاص مهمان بي نظير ڀٽو يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مدد علي شاهه هو. نامياري اديب انيس الرحمان نڪهت بريلوي، ناميارى شاعر سيد نور رضوي مرتضيٰ خان جاگيراڻي ۽ ناميارى شاعر شيخ ارشاد بشير منگيءَ بابت مقالا پڙهيا ۽ خيالن جو اظهار ڪيو. ادبي شعبي جي ڪنوينر اياز گل مهمانن جي آجيان ڪئي، جڏهن ته سکر آرٽس ڪائونسل جي صدر ممتاز بخاري سپني جا ٿورا مڃيا. پروگرام جي ڪاروائي نوجوان شاعر مونس رضوي هلائي. بشير منگيءَ جي پٽ لطيف ڏنو منگي ۽ غلام مرتضيٰ خان جي پٽ ارشد حسين جاگيراڻي پڻ خيالن جو اظهار ڪيو.

## سکر جي ٽن تخيقڪارن جي ياد ۾ تقريب جا فوٽو



## ڊرامــا ورڪشــاپ:

### Drama Workshop

سکر آرٽس ڪائونسل جي ڊراما شعبي پاران 15 ڊسمبر تي هڪ ڏينهن جي اسٽيج ڊراما ورڪشاپ ٿي. جنهن جو سڪيا ڏيندڙ ناپا ڪراچي جو سينئر ٽرينر ۽ اداڪار سرفراز علي هو. هن ورڪشاپ ۾ اداڪارن، اداڪارائن، ڪهاڻيڪارن، ڊائريڪٽرن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن کي نيشنل ۽ انٽرنيشنل معيار جي ٽريننگ ڏني.



During the ten-day festival, a total of ten Urdu and Sindhi stage dramas were presented. At the opening ceremony, Dr. Ayuoob Shaikh, Drama Convener Wafa Dildar, and President Mumtaz Bukhari shared their views, while the proceedings were conducted by Hasan Abbas. The festival opened on August 21 with the play *"Badsoorat بدصورت"* directed by Saleem Raja. On August 22, the second play *"Akhiyun Ji Aas اکين جي آس "* was presented under the direction of Muhammad Ali Charlee. The third stage play, *"Sach Wado Dohari Aahe سچ وڏو ڏوهاري آهي"*, directed by Ali Roshan Shaikh, was staged on August 23. On August 24, the fourth play *"Ramkali رامڪلي"* was presented under the direction of Wafa Dildar. The fifth Urdu play *"Musawir مصور "*, directed by Mumtaz Laki, was staged on August 25. On August 26, the sixth play *"Platform پليٽ فارم"* was presented under the direction of Zohaib Mehr. The seventh Urdu stage drama *"Ghalat Fehmiغلط فہمی "*, directed by Uzair Memon, was staged on August 27. On August 28, the eighth play *"Shaoor Ji Talaash شعور جي تلاش"*, directed by Mazhar Shaikh, was presented. On August 29, the ninth play *"Hik Raat Ji Mohabbat هڪ رات جي محبت"*, directed by Mouladad Jatoi, was staged. The festival concluded on August 30 with the tenth play *"Phone Call فون ڪال"*, directed by Hasan Abbas.

## An Evening with Ustad Natho Khan

On September 2, 2025, the Music Committee of the Sukkur Arts Council organized an interactive session and musical gathering with renowned classical singer Ustad Hameed Ali Sehwanvi, popularly known as Ustad Natho Khan, at the Ustad Sengar Ali Saleem Auditorium.

The session was moderated by Akhtar Dargahi. Mukhtiar Malik and Syed Noor Rizvi shared their views on the artistic contributions and musical excellence of Ustad Hameed Ali Sehwanvi. The event concluded with a musical performance, where Mukesh, Zahid Janwari, and Ustad Hameed Ali Sehwanvi (Ustad Natho Khan) captivated the audience with their performances.

## Literary Reference in Memory of Fatah Malik

On September 10, 2025, the Literary Committee of the Sukkur Arts Council organized a literary reference in memory of renowned Sindhi poet and lawyer Fatah Malik. The distinguished guests at the event included Adal Soomro, Dr. Badr Ujan, Sarwar Saif, Advocate Shabbir Shar, Advocate Sundar Chachar, Sachal Bhatti, and Noorullah Malik, brother of Fatah Malik. They shared their views on the life and literary contributions of the late poet. During the event, Convener of Literary Committee Ayaz Gul welcomed the guests, while the proceedings were conducted by Akhtar Dargahi. At the conclusion, Mumtaz Bukhari, President of the Sukkur Arts Council, expressed his gratitude to all the guests and participants.

## Chairman District Council Sukkur Visits Sukkur Arts Council

On September 29, 2025, Syed Kumail Hyder Shah, Chairman of the District Council Sukkur, visited the Sukkur Arts Council along with his delegation. He was received by President Mumtaz Bukhari, Vice President Adal Soomro, General Secretary Akhtar Dargahi, Treasurer Azhar Noonari, and Joint Secretary Shaukat Rahi. President Mumtaz Bukhari briefed the chairman about the council's programs. Later, Syed Kumail Hyder Shah visited the Musarrat Mirza Art Gallery, where Fine Arts Convener Ghulam Akbar Solangi and art teacher Ashraf Rahi introduced him to the students undergoing art training. The chairman appreciated the services of the Sukkur Arts Council and expressed his good wishes. It was also agreed that the District Council Sukkur and Sukkur Arts Council would collaborate to promote literature, cultural heritage, and the arts.

## Tribute Event for Three Senior Actors of Sukkur

On October 12, the Drama Committee of the Sukkur Arts Council organized a recognition ceremony in honor of three senior actors of Sukkur—Munir Wagho, Rabia Chohan, and Saleem Raja—for their contributions to the performing arts. The program was conducted by Muhammad Ali Mukhlis.

## Acting Auditions Held for New Talent

The Drama Committee of Sukkur Arts Council conducted acting auditions for stage dramas from July 21 to July 25. Aspiring actors from Sukkur and surrounding areas participated enthusiastically. The panel of judges, comprising senior actor-directors Wafa Dildar, Saleem Raja, and Zohaib Mehr, selected some performers, including Hasnain, Kamran Ahmed, Ghulam Ali Soomro, Munir, and child actor Ali Hyder Jageerani.

## Tribute to Three Literary Figures

A dignified ceremony was held in Sukkur on August 7, 2025, by the Literary Committee of the Sukkur Arts Council to pay tribute to three renowned creative personalities of the city—Abraham Sarang, Shamshad Mirza, and Shoukat Khawajai. The event was attended by Professor Dr. Asif Ahmed Sheikh, Vice Chancellor of Sukkur IBA University, as the chief guest, while Ayaz Gul, Convener of the Literary Committee, welcomed the guests. During the ceremony, heartfelt tributes were shared by the family members of the late personalities. Musarrat Mirza spoke about her sister Shamshad Mirza, Monis Ibrahim shared his views about his father Ibrahim Sarang, and Sohail Ahmed Khawajai paid tribute to his father Shoukat Khawajai. On the occasion, Amjad Channa, Hubdar Jagirani, and Asad Chachar presented their research papers highlighting the lives and literary contributions of these distinguished figures. The proceedings of the event were conducted by Khawaja Zulfiqar, while the President of the Sukkur Arts Council Mumtaz Bukhari concluded the ceremony by expressing gratitude to the guests and participants. Ayaz Gul, Convener of the Literary Committee, welcomed the guests. A large number of writers, poets, intellectuals, and citizens of Sukkur attended the event and paid homage to the departed personalities.

## Independence Day Painting Exhibition

A three-day "Independence Day Painting Exhibition" was held starting August 14 by the Fine Arts Committee of Sukkur Arts Council. The exhibition was inaugurated by children suffering from thalassemia, Suhana Jameel and Bushra Jameel. Over 100 paintings expressing patriotism were displayed by students, earning appreciation from visitors. President Mumtaz Bukhari presented gifts to the children during the ceremony.

## 21st Death Anniversary of Ustad Seengar Ali Saleem Observed

Music Committee of the Sukkur Arts Council commemorated the 21st death anniversary of renowned Sindhi classical singer, poet, and painter Ustad Seengar Ali Saleem on August 18, 2025, with a dignified ceremony, continuing its annual tradition. The event was moderated by Akhtar Dargahi. Distinguished guests included Kousar Buriro, Amjad Hussain Shah, Ustad Abdul Ghafoor Soomro, and Asad Saleem, the grandson of Ustad Singhar Ali Saleem. The speakers shared their thoughts on the life, artistic contributions, and multifaceted personality of the late maestro. At the beginning of the ceremony, a documentary produced by Mumtaz Bukhari was screened, highlighting Ustad Singhar Ali Saleem's life, artistic excellence, and his work in painting. Syed Noor Rizvi, Convener of the Music Committee, welcomed the guests. President of the Sukkur Arts Council, Mumtaz Bukhari expressed gratitude to the guests for their participation. The event concluded with a musical session, where Ustad Gul Muhammad Junejo, Bakhtawar Ali, Ustad Abdul Ghafoor Soomro, and Barkat Ali paid tribute to Ustad Singhar Ali Saleem through their performances. A large number of artists and admirers from Sukkur, Rohri, and surrounding areas attended the ceremony.

## 21st Death Anniversary of Ustad Seengar Ali Saleem Observed

Music Committee of the Sukkur Arts Council commemorated the 21st death anniversary of renowned Sindhi classical singer, poet, and painter Ustad Seengar Ali Saleem on August 18, 2025, with a dignified ceremony, continuing its annual tradition. The event was moderated by Akhtar Dargahi. Distinguished guests included Kousar Buriro, Amjad Hussain Shah, Ustad Abdul Ghafoor Soomro, and Asad Saleem, the grandson of Ustad Singhar Ali Saleem. The speakers shared their thoughts on the life, artistic contributions, and multifaceted personality of the late maestro. At the beginning of the ceremony, a documentary produced by Mumtaz Bukhari was screened, highlighting Ustad Singhar Ali Saleem's life, artistic excellence, and his work in painting. Syed Noor Rizvi, Convener of the Music Committee, welcomed the guests. President of the Sukkur Arts Council, Mumtaz Bukhari expressed gratitude to the guests for their participation. The event concluded with a musical session, where Ustad Gul Muhammad Junejo, Bakhtawar Ali, Ustad Abdul Ghafoor Soomro, and Barkat Ali paid tribute to Ustad Singhar Ali Saleem through their performances. A large number of artists and admirers from Sukkur, Rohri, and surrounding areas attended the ceremony.

## Sukkur Drama Festival 2025

The Sukkur Arts Council, in collaboration with the Arts Council of Pakistan Karachi, organized a ten-day "Sukkur Drama Festival 2025" from August 21 to August 30. The festival was inaugurated by Dr. Ayub Sheikh, a governing board member of the Arts Council Karachi.

A unique highlight of the series was the participation of musicians associated with the shrine of Hazrat Shah Abdul Latif Bhittai, who performed Wayoon—traditional poetic melodies—on the Tanburo, the instrument created by Bhittai himself. These performances added spiritual depth and cultural richness to the lecture sessions.

## Key Contributors and Media Coverage:

The success of the series was made possible through the dedicated efforts of Dr. Badar Ujjan, Abdul Hakeem Zangejo, and Dr. Khadim Mangi. Shah Latif's Wayoon were beautifully presented by Akhtar Dargahi, Gul Muhammad Junejo, Wafa Dildar, and Waheed Ansari. Visual documentation was managed by Sohail Ahmed Sheikh (videography) and Saeed Bhayo and Manzoor Bedar (photography). The lectures and musical performances were broadcast on the Sukkur Arts Council's official Facebook page and YouTube channel, ensuring broad public access to the series and furthering appreciation for Shah Abdul Latif Bhittai's literary legacy.

## One-Day Acting Workshop at Sukkur Arts Council

On March 20, 2025, the Drama Faculty of the Sukkur Arts Council organized a one-day acting workshop at the Dr. Mastoor Bukhari Art and Heritage Museum. The session was conducted by Saifullah Khan, a seasoned acting coach from Islamabad.

The workshop drew enthusiastic participation from a vibrant group of local performers, including Convener Wafa Dildar, Saleem Raja, Moladad Jatoi, Hassan Abbas, Rima Naz, Naila Babu, Hafeez Jamal, Muhammad Ali Charlie, Shah Rukh, and several other actors and actresses. The engaging and hands-on training session provided valuable insights into stagecraft, expression, and performance techniques, and was well received by all participants.

## Amar Jaleel Drama Festival 2025

The Drama Committee of the Sukkur Arts Council organized the Amar Jaleel Drama Festival 2025 in honor of the renowned Sindhi storyteller, Amar Jaleel. The festival featured three stage plays, each inspired by stories written by Amar Jaleel. On April 7, the festival opened with the play "Mitti ja Manhoon" directed by Mazhar Shaikh. On April 8, "Hoonda Se Hayat" was staged under the direction of Moladad Jatoi. On April 9, the final performance, "Insan", was directed by Saleem Raja. Convener Wafa Dildar extended heartfelt thanks to the participating actors, directors, and audience members, whose support contributed to the success of the festival.

## Bedil Literary Conference 2025

On May 12, 2025, the Sindh Culture Department, in collaboration with the Sukkur Arts Council, organized the Bedil Literary Conference at the Seengar Ali Saleem Auditorium to pay tribute to the revered Sufi poet Hazrat Qadir Bakhsh Bedil. The conference was graced by an esteemed gathering of guests, including Munawar Ali Mahesar, Director General of the Culture Department Sindh; poet and scholar Ayaz Gul; writer Adal Soomro; Mukhtiar Malik; M.B. Raja Dharejo, Deputy Commissioner Sukkur; Imtiaz Ali Memon, Director of Libraries Sukkur; Syed Noor Rizvi; and Mumtaz Bukhari, President of the Sukkur Arts Council. A distinguished panel of scholars and poets presented insightful papers on Bedil's life, poetry, and legacy. Contributors included Ibrahim Kharal, Amar Iqbal, Abdul Ghani Mahar (Additional Secretary, Culture Department), Dr. Mahar Khadim, Sarwar Saif, and Dr. Salma Qureshi. In his keynote address, Munawar Ali Mahesar emphasized the timeless relevance of Bedil's message, noting that commemorations such as these are not mere formalities, but acts of preserving and celebrating a spiritual and literary legacy that continues to inspire generations. Khan Muhammad Zangejo (son of Ustad Gulshan Ali Zangejo), Fateh Ali Sandeelo (son of Ustad Ghulam Ali Sandeelo), and Javed Abro (grandson of Ustad Rasool Bakhsh Abro). They shared heartfelt reflections on the lives and contributions of their elders. Ustad Rasool Bakhsh Abro was remembered for devoting his life to the art of Raag; Ustad Gulshan Ali Zangejo sang the poetry of the distinguished poets such as Shah Abdul Latif Bhittai, Sachal Sarmast, and Rohal Faqir. Ustad Ghulam Ali Sandeelo's son stated that his father "Baba Sain" grew up with the deep affection for music and learned the basics of singing from the musical environment of home. Adal Soomro, Vice President of the Sukkur Arts Council, expressed gratitude to the participants and guests. The program was hosted by Sami Sajjad Mirani and concluded with a Raag Mehfil, featuring performances by Fateh Ali Sandeelo, Javed Abro, and Sufi singer Imtiaz Ali. The ceremony concluded with a soul-stirring musical segment, featuring Sufi renditions by Salamat Sohrab Faqir and Rajib Sohrab Faqir. Additional performances by Gul Muhammad Junejo, Shazia Marvi, Bashir Ahmed, Rehmat Ali Bhat, Sadaqat Ali, and Barkat Ali Bhat captivated the audience with their emotive expression of Bedil's poetry.

offering a visual narrative of Bhatti's life, political engagement, and creative achievements. A dramatic reading of Bhatti's short story "Bunn" by Hassan Abbas captivated the audience, bringing the author's literary voice vividly to life. In a moment of collective reflection, a minute's silence was observed in memory of Dr. Zulfiqar Sial and Dr. Akash Ansari. The program concluded with a heartfelt vote of thanks delivered by Ayaz Gul, Convener of the Literary Faculty, who expressed appreciation to all participants and reaffirmed Rasheed Bhatti's lasting significance in Sindh's literary landscape

## Condolence Reference for Dr. Aakash Ansari

On February 22, 2025, the Sukkur Arts Council, in collaboration with the Sindhi Adabi Sangat Sukkur branch) and the Anjuman Tarraqi Pasand Musannifeen Sukkur, organized a condolence reference in memory of Dr. Aakash Ansari, a celebrated poet of romantic and revolutionary thought in Sindhi literature. The event was held at the Seengar Ali Saleem Auditorium. Speakers who paid tribute to Dr. Ansari's life and literary legacy included Ayaz Gul, Akhtar Dargahi, lawyer Sundar Khan Chachar, Sachal Bhatti, Dr. Khadim Mangi, and Abdul Hakeem Zangejo. The program was conducted by Najam-u-Din Dogar. The event concluded with a Raag Mehfil, where Akhtar Dargahi and Gul Muhammad Junejo honored the late poet by performing musical renditions of his poetry. A large number of poets and writers participated in the gathering, reflecting the deep respect and admiration Dr. Aakash Ansari commanded in the literary community.

## 102nd Birth Anniversary of Legendary Poet Sheikh Ayaz

On March 2, 2025, the Literary Faculty of the Sukkur Arts Council commemorated the 102nd birth anniversary of the legendary Sindhi poet Sheikh Ayaz with a poignant and intellectually rich ceremony. As part of a cherished tradition, distinguished poets Amar Iqbal, Abdul Waheed Ansari, Safar Kalhoro, and Sajjad Mahar participated as panelists in a thoughtful discussion exploring Sheikh Ayaz's enduring influence on Sindhi literature. The session, moderated by Azhar Noonari, offered a nuanced look into the poet's life, prose, poetry, and artistic vision. To deepen the engagement, an audio recording of Sheikh Ayaz reciting his own poetry—courtesy of Sindhi Adabi Sangat Markaz—was played during the program. This was followed by a dramatic presentation of Ayaz's short story "Khilni", performed with compelling emotion by Hassan Abbas The event was smoothly conducted by Akhtar Dargahi and attracted a large audience of respected writers, poets, and literary enthusiasts. Their presence added warmth and significance to the celebration In closing remarks, Ayaz Gul, Convener of the Literary Faculty, and Mumtaz Bukhari, President of the Sukkur Arts Council, expressed their heartfelt gratitude to all participants for honoring Sheikh Ayaz's literary legacy and contributing to the program's success.

## Shah Latif Literary Lecture Series (January – June 2025)

The Sukkur Arts Council continued its acclaimed Shah Latif Literary Class Series in 2025, offering a platform for in-depth exploration of the poetry and philosophy of Hazrat Shah Abdul Latif Bhittai. This ongoing series, which began on October 11, 2024, featured weekly lectures delivered by renowned intellectuals of Sindh and drew a diverse audience of writers, students, scholars, and poetry lovers.

### January 2025 Lectures:

January 3 – Asar Imam opened the year with an insightful lecture on Sur Ghatoo. January 10 – Dr. Ismail Mako explored the nuances of Sur Siri Raag. January 17 – Professor Sarwar Saif delved into the depths of Sur Rip. January 24 – Mahtab Solangi examined the features of Sur Karayal. January 31 – Dr. Mehar Khadim concluded the month with a powerful presentation on Sur Dahar.

### February 2025 Lectures:

February 7 – Akhtar Dargahi delivered a captivating lecture on Sur Kamod. February 14 – Nazir Soomro illuminated the beauty of Sur Suhni. February 21 – Kausar Zaman Kalwar presented a thought-provoking discussion on Sur Khahorri. February 28 – Hussain Sarang concluded the month with a lecture on Sur Desi.

### March to May 2025 Lectures:

March 7 – Issa Memon explored Sur Pirbhati. April 11 – Moar Khan Mahar presented on Sur Hussaini. April 18 – Adal Soomro offered insights into Sur Sarang. April 25 – Abdul Ghafoor Soomro discussed Sur Sorath. May 2 – Tariq Aziz Kolachi examined Sur Kedaro. May 9 – Amjad Channa presented on Sur Barvo Sindhi. May 16 – Professor Ghulam Qadir Jandan delivered a lecture on Sur Purab. May 23 – Professor Abdul Waheed Kalwar spoke on Sur Bilawal. May 30 – Nasir Chachar explored Sur Ma'azuri.

### June 2025 Lectures:

June 13 – Ghulam Ali Soomro presented on Sur Aasa. June 20 – Mumtaz Mangi concluded this phase of the series with a compelling lecture on Sur Sassui Aabri.

# DETAILS OF PROGRAMS AND EVENTS

## Music Courses Successfully Completed at Sukkur Arts Council

The Music Faculty of the Sukkur Arts Council successfully completed the SIMPA Jamshoro three-month (January 1 – March 31, 2025) Music Course during the first quarter of 2025. This marked the fifth batch of the course that included 42 students, both male and female, from Sukkur and surrounding areas. Regular classes were held every Saturday and Sunday from 4:00 p.m. to 6:00 p.m. in the Music Hall. Mr. Akhtar Dargahi, Head of the Music Department, conducted both theoretical and practical sessions, while faculty member Mr. Gul Muhammad Junejo provided instruction in Raag.

## Ceremony Honoring Three Creative Figures of Sukkur

On January 25, 2025, the Literary Faculty of the Sukkur Arts Council organized a commemorative event at the Seengar Ali Saleem Auditorium to honor three distinguished figures in the field of literature: Rafiq Soomro, Maulana Deen Muhammad Wafai, and Shahnaz Noor. The ceremony was presided over by Professor Dr. Rasool Bakhsh Mahar, Vice Chancellor of Benazir Bhutto University of Technology and Skill Development, Khairpur. The event was attended by a number of esteemed guests and speakers who paid tribute to the lives and legacies of the writers. Keynote addresses were delivered by Abdul Latif Kashif Soomro, nephew of Rafiq Soomro, who shared valuable insights into his uncle's life and work; Abdul Rauf Bhatti, grandson of Maulana Deen Muhammad Wafai, who reflected on his grandfather's legacy; and Aazar Qureshi, nephew of Shahnaz Noor, who spoke about her lasting contributions to the arts. Additionally, Adal Soomro presented a scholarly paper on the life and accomplishments of Rafiq Soomro. Abdul Latif Ansari highlighted the contributions of Maulana Deen Muhammad Wafai, while Dr. Anees-u-Rehman offered a comprehensive presentation on the life and artistic influence of Shahnaz Noor. The ceremony concluded with remarks by Convener Ayaz Gul, who expressed heartfelt gratitude to all participants and underscored the importance of preserving and celebrating the legacies of these remarkable individuals.

## Commemorative Ceremony for Actor (Late) Mahmood Siddiqui

On February 8, 2025, the Drama Faculty of the Sukkur Arts Council held a tribute in memory of the renowned actor Mahmood Siddiqui at the Seengar Ali Saleem Auditorium. A celebrated artist from Sukkur, Mahmood Siddiqui made a lasting impact on Pakistan's drama industry through his remarkable performances and dedication. The event was honored by the presence of senior actor Manzoor Murad, who delivered a moving address highlighting the struggles faced by actors, particularly the lack of financial and institutional support many experience during their lifetimes. Notable speakers included Wafa Dildar, Convener of the Drama Faculty; acclaimed actor Mumtaz Lucky; and President of the Sukkur Arts Council, Mumtaz Bukhari. Each shared insightful perspectives on Mahmood Siddiqui's artistic journey, legacy, and his contribution to the dramatic arts. The success of the ceremony reflected the strong spirit of collaboration among the artistic community. Key contributions came from Hassan Abbas, Zohaib Mahar, Saleem Raja, Mauladad Jatoi, Mazhar Shaikh, and many others, whose efforts brought the event to life. A large and enthusiastic audience, including many of Mahmood Siddiqui's admirers from Sukkur and surrounding regions, gathered to pay tribute to the legendary actor and honor his enduring legacy.

## 47th Death Anniversary of Rahimdad Khan Molai Shedai

On February 12, 2025, the Literary Faculty of the Sukkur Arts Council organized a commemorative event marking the 47th death anniversary of the eminent historian and researcher of Sindh, Rahimdad Khan Molai Shedai. The ceremony was presided over by Syed Noor Rizvi and featured distinguished guests and speakers, including Molai Shedai's grandson, Ameer Ali Brohi; noted writer Syed Imdad Hussain Shah; Imtiaz Ali Memon, Director of the Molai Shedai Library Sukkur. The event was hosted by Abdul Hakeem Zangejo and attended by a large gathering of poets, writers, and students, all of whom came together to pay tribute to the enduring legacy of Rahimdad Khan Molai Shedai.

## 37th Death Anniversary of Rasheed Bhatti

On February 17, 2025, the Literary Faculty of the Sukkur Arts Council commemorated the 37th death anniversary of Rasheed Bhatti, a distinguished historian, writer, and poet of Sindh.

The ceremony was presided over by Mukhtar Malik, President of the Khairpur Arts Council, and attended by a host of notable guests including Rasheed Bhatti's son, Sachal Bhatti; Rubina Bhatti; Adal Soomro; Shamshad Baparr; and Mumtaz Bukhari, President of the Sukkur Arts Council. Dr. Khadim Mangi hosted the program, which featured a compelling paper by Adal Soomro highlighting Rasheed Bhatti's life, literary works, and intellectual legacy. The event opened with a touching video documentary—produced by Mumtaz Bukhari—



Sukkur Arts council

# News LETTER

**2025**


sukkurartscouncil@gmail.com
https://www.facebook.com/
https://sukkurartscouncil.org/
https://www.youtube.com/@sukkurartscouncil